# دل شيشو آهي

رتن مڻي،

خط مليو ڏاڍي ٺڏ هئي. مان ٻہ ڪلاڪ مهل تہ برف جي ڇپ ٻٺي ٻيٺي رهيس ۽ پوءِ ٻاهر ٽڪري تي ويٺيس. وڻن پنهنجا پن ڇاڻي ڇڏيا آهن. سڪل مڙهل ڪل تنهنجي جيون جو ٻاب مون اڳيان جو کولي بيٺا تہ توکي هردي سان لڳائڻ لاءِ جيءُ ٻڇڻ ٿي آئيو. نوڪر باغ واري ٻڙر جي ميز تي پنو ۽ پين رکيو ويو آهي تہ خط لکڻ ويٺي رهي آهيان توکي.

سکي، توکي اڄ پنهنجون ڳالهيون ٻڌائڻ لاءِ ڏاڍي دل پيئي ٿئي. الاجي ڇو توکي ڏاڍو پنهنجي ويجهو ڀٽي پائيان. توکي ياد هوندو، تنهنجي پريم- ليـــلا سڪول ۾ ئي شروع ٿي هئي ۽ مون کي تو اهڙا هيڪ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏي. تو تہ مئـٽرڪ جي امتحان ڏيندي ئي پنهنجي رام- ليلا کي هڙئي پيرئي وٺ جو روپ ڏيڻ لاءِ شادي ڪري ڇڏي، ليڪن مان تہ پوءِ بہ پڙهندي رهيس. پر تنهنجي شــاديءَ کي ڏسي منهنجي دل ۾ الاجي ڪهڙي سڄڻيءَ جو ڏاڍو احساس پيدا ٿي ويو. منهنجي دادا جي دلالي روز بـــروز زور پڪڙيندي ويئي ۽ اسين جڻ جڻ وڏيڪ شاهـوڪار

پاڻ کان پڇيم، ”ڇا هيءَ مخدوم ذات پيءُ جو پيار ڪوئي ڪسي ويندو ۽ مان ٻوڙان جو سهرو پنهنجي چانڊوڻ تي ٻڌي رهندس؟ منهنجي سڀان جي ڇت ڪي ممتا زمين تي ستي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو. پٽي لال پنهنجي ٻانهن ۾ کڻي وڃي پٽيءَ جي پلنگ تي ليٽائي رڙ ڪري پڇيم، ”ڪمر ٿيندو هن جو پيءُ؟ ڪنهن کي هو ’بابا‘ ڪري سڏيندا! ’ليلان‘ جو پٽي تنهن کان اڪ اٿرو ته ٻڌائي ڇڏ؟“

هن وهاڻو کسڪائي پنهنجي ٻانهن ۾ رکي منهن ڦيري ڇڏيو: ”ڪيترا ڀيرا پنهنجو پيءُ وڃائي ته ته وهندا آهن.“ جلي رک تي وڃي. ديوار سان ٽڪرائي ڇڏيم ”هاه هاه! تڏهن مان وڏيا به تي وڃ!!“ خبر ناهي، ڪيڏي مهل کان آئي اچي در ٻاهران بيٺي هئي، جو يڪدم اندر گهڙي آئي. مون پنهنجو سر کڻي هن جي پيرن ۾ رکيو. جنهن کي هيترا ڏينهن فقط نفرت جي نگاهه سان ٿي ڏٺو هوم: سا منهنجو سر گود ۾ کڻي وار سنهارڻ لڳي. پاڻ سامهون بستري تي ويٺو هو، ان کان پوءِ جي مد ڪانهيم. ڪيترو وقت بيهوش هئس سا به سمجهه نه رهيم. جڏهن جاڳيس ٿيم، تڏهن صبح جا ڪرڻا نيڪ اڇوتا سرءُ جا ڪرڻا، گرميءَ سرديءَ کان سچا، منهنجي جسم ۾ جان پيرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا...

هن خط ۾ شايد تنهنجي ڳالهه دهرائي اٿم

اُن کان پوءِ جي ڪهڙي پڙهندينءَ؟.. اڄ ته وقت نه
ملندو. ڪشو واڻو اسڪول مان اچي ويا آهن. مون
کي شام جو سندن دادا مان شاپنگ تي به وڃڻو آهي.
وڌيڪ سڀاڻي لکندس.

تنهنجي نرملا.

نرمل راڻي،

شالا مان موڪلي تنهنجو خط جو ڏٺم ته ڪپڙا بدلائڻ
به ڪين پڳا، سڌو لاهه چاڙهه به ڪين لاهڻ رکيم،
ڊنا پڙهڻ ويهي رهيس. خط ڇا پڙهيم، بس دل جي
ڪنهن اندرئين تهه کي ڇهڪ اچي ويو. پيار جي سيلاب
مان سرجيل ممتا جي ندي، پيار جي ساگر کي ڳولڻ
لاءِ بيچين ٿي اٿي ۽ ڌڪا لاتي اٿس. آلا! ايتري
نه بي آرامي اچي لڳي آهي، جو ڇا ٻڌايانءِ. گهڙي
گهڙيءَ مون کان پڇي. "مٺي ڏاڏي، نوڻ به ته ماءُ هئين*.
هن جنهن مهل ٻنگ ۾ ڪپڙا رکي ڇڏيو، 'وڃان ٿو'
ان مهل ڦڪي ڇونه لڳينس. پڇيئي ته ها ڇو ٿو
وڃين؟ ڪهڙي ڇنڊ پاڻي اٿئي اي* ۾؟ ٻڌاءِ، مان به
آءُ ڪي ٻاڻ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريان." پر سڪي
نرمل! تير، ڪمان مان ڇٽي چڪو آهي. سچ جو
راڪاس منهنجي در تي به ڏاڍا ٻهاڪ آواز پيو ڪري.

نورا ڏينهن اڳ برادريءَ* ۾ قصو ٿيو هو. منهن
پاڻ واڻي هئس. سڀني جي سر پر ٻئي پئي — "مڙس

چڏي ويو اٿس. مٿس چڏي ويو آهي وڇاريءَ
کي.." ڪنهن نه مون ڏانهن هٿ ڪڍي ٻيءَ وڏوا ڪي
چيو، "هيءُ ڏس نه وڇاري ڪيئن وٺي آهي. جنهن
جو جيتري ٿي خ ٿ وڃي ولايت واسي ٿيو آهي. تو
نه ڪروهه جي هيٺين ۾ ڏاڍو..."

هاهه هاهه، نڌهن منهنجي حالت ان وڏوا ڪان بس
وڏيڪ قياس جوڳي آهي! سڪي ڏاڍو ڏکيو آهي
"وڇاري" نيون.

اسڪول پڙهندي هئس. غريب ماڻهن جي ڌيءَ هئس،
نه ٻه ٻهروون نمبر ايندي هئس. ڪڏهن وڇاري نه ٿيون
ڪئين آيو ۽ اڄ پنهنجي هٿن سان سؤ رپيا ڪمائيندي به
وڇاري آهيان. ڪڏهن نه وڇار ايندو آهي نه مٿائي
چڏيان انهيءَ ٻڌڪ سمسار کي، جتي ماڻهو سڀان پريءَ
هلت هلندڙ ٿي به قياس ڪرڻ واري پرمپرا رکيو ويٺا
آهن. ٻر من ٻيو جهنبڙي پاڻي. چي، "آڪلي وڌران
گهر ۾، نوڪري ڪرڻ ڪان ٻوه ڀلا ڇا مليو انهيءَ؟
فقط ايترو نه، جو پاڳل ٿيڻ کان بچي ويٺي آهين، ٻيو
ڇا مليو انهيءَ؟ جيون؟ خوشي؟ آنند؟

ڪجهه به نه... ڪجهه به نه... خير هيءَ ته ٿي
منهنجي ڪهاڻي، جا پوري به ٿي ويئي. وري به شڪر
جو هن ٻر ٽٽل پکيءَ کي باغ جي راڻي نه، ته ساٿڻ
ٿيڻ جو، سرمش جي پالڻا جو درجو ته مليو ٿي آهي.
ليڪن سڪي، مان اڄ سچ پچ غريب ٿي ويئي آهيان.

گهر آهي، جنهن کي ڇت ڪانهي. قدرت جا هر قسم جا ڪوپ، مينهن جهڙ، تني ٺڏي اڪيلي سر سهڻا آهن. وري به شڪر آهي، تنهنجو ساٿ آهي. خبر ناهي اهڙين ڪيترين ٻين ڇيڙن جو هاڻي ساٿ مليو آهي، جن ڏانهن اڳي اک کڻي به نه ٿي ڏٺم. تنهنجي اٿري وڇڙائي به هوندي ته نصيب نه ٿي هئي. پڙاڏو نه، پنهنجو داستان، ڏاڍي منتظر آهيان. پڙهڻ لاءِ. سڌو سوال ٿي پڇانءِ، ڪجهه به نه لڪائج! ڇا ليلان. توکان وڌيڪ خوبصورت هئي، جو تنهنجي پيءُ ساڻس شادي رچائڻ ٿي چاهي؟

هار ڪاڏل رتنا.

رتن مٺي،

ماڻهو سڪي، گل جي راڪؤ، ساري سرشٽيءَ جي ڳان جي راڪؤ راڻي. خط مليو. منهنجي سڄڻ به پڙهيو. ڪليائين. آهستي چيائين، ”اسين پرش، ڌرتي جا جيترا ڏاڍا آهيون، اندر جا اوترائي ڪومل آهيون. توهين چاڻي واڻي وڃائيندڙيون آهيو اسان کي.“

مٺي، منهنجي پيءُ جا هي لفظ هن وقت توکي ڏاڍا ڪؤڙا لڳندا، پر انهي سورهن آنا سچ. شايد ڪنهن ڏينهن اِنهيءَ سچ کي پاڻي به وڃهين. في الحال صرف توکي پنهنجي آڪاڻي ٿي لکان ٿي. دنيا جون ٻيون اڪاڻيون به شايد اڻين ٿي ڏهنديون آهن، جي آڪاڻيون

نه ڪيئن، آهن نه حقيقت، فقط ماضيءَ جي، مٽيءَ لٽ
ڇڙهيل آهي.

ليلان جي باري ۾ پڇيم، ته مون کان وڌيڪ سهڻي
هئي ڇا؟ سهڻي ته هو برابر هئي ۽ هيئنر به آهي. پر
مان جڏهن ليلان جي عمر جي هئس- ارڙهن سالن جي...
تڏهن هن کان گهڻي گهڻي سهڻي هئس... ليڪن منهنجي
پتيءَ ان باري ۾ ڏاڍو سٺو جواب ڏنو آهي. چوڻ-و
"اگر سونهن ٿي پرش جي پيار جو مرڪز هجي، ها ته،
دنيا ۾ جيڪا سندر ۾ سندر استري هجي، سڀ
پرش هن وٽ ٿي ڇونه وڃي ڪٿا ٿين ها؟

ڏي جواب؟ ڪجهه وقت لاءِ مون به اِئين ٿي
سمجهيو هو. سو مرندي جهڙي آئي سينگار ڪرڻ لڳيس.
هو آفيس ۾ ويو هو. من ۾ وسوسا به گهڻا ڪين هئا.
هو موٽندو آلاجي نه؟ من اندر آڪيلائيءَ جي احساس
واڪو واڪاڻ لائي ڏني. اِئين پئي لڳو، ڪيئن ڪنهن
۾ آڏي؛ رات جو اڪيلي اچي نڪتي آهيان. تو پريم
ڪري شادي ڪئي هئي. مون شادي ڪري به پريم
نه ڪيو هو شايد. جي ڪيو به هوم ته ان جي معنيٰ
ڪي سمجهيو نه هوم. ڇو ته هيترا ڏينهن نه ڪڏهن
مون ڪي خبر ٿي ڪين پئي هئي ته ايڏي وقت ڪا
ساڻ انهن جنهن کان سواءِ مان هيئن اڪيلائي ٿي پوندس
ڪي ڪين پڇندي، ڪي ڪين آڇهندو. مان نه سارو
ڏينهن سندس تمڪائون ٿي ڦرندي ڪندي هئس. امان

فرض هو ته توکي آگاهه ڪريان. هاڻي ڄاڻن تنهنجا مٽا تنهنجا ڪتا."

ليڪن سگهي، مان پلپل هئس. ڪوڙي ورش اهڙي توري به نه ڦرندو، سمندس ڦرڻ جو پڇ گهڻو اڪ واري بي رس جهوت به هوندو آهي. مگر هي ڳالهيون ته هاڻ ٿي چوان، تن ڏينهن ته سمندس بيوفائيءَ جو ڏيول پٽهندي ٿي ڦرڪس. وچي ليلان جي پيءُ مان سموري ڳالهه ڪيم. منهنجا آنسو ڏسي هن چيو، "ڏيءُ مان ته وٽان اصل ڪين گهٽائيندس، پر ليلان وڏي ٿي چڪي آهي، ڪٿي تنهنجي پٽيءَ کي ڪٿي آڏامي ويٺي ته خود مان به ڪٿي جو نه رهندس." هن پيرسن اهڙو سچ چئي ڏنو مون کي! ڪيڏو ايمان رکيائين مون ۾. بس مون کي ڇڏي راهه ملي ويئي. ڳرلو ماري اٿئي وڃي رهيس. رات جو ليلان گهمي موٽي. ڪهڙي نه سندر ساڙهي هئي سندس! ۽ ڪيترن پٽسن واري!! سندس هار سينگار ڏسي من هار ڪڍي- "پلا ههڙي سندر ڪونرو ڏسي ڇا ڪوئي چنيسر موٽ کائي سگهي ٿو!" ليڪن ڌرتيءَ تي ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه حقيقت پرست ٿي پيئي هئس. مون ليلان کي ماٺري پرين اکين مان ڏسي چيو "ليلان، هيءَ ڪنهن ڏيهه. جڏهن مون وانگر ٻارن جي ماءُ بڻجي تڏهن مون وانگر ٿي ڏڪارجي وينديءَ! ان ڳالهه جو ڏک سهڻ کان ٻاهر آهي."

ليلان جا ڳل ڪنهن جي تازي پيار کان جرڪي

رهيا هئا. مکڻ- مقبل، آساڻيل هرڻيءَ جيان وياڪل هوس. هوءَ ڦٿڪي پئي- ”ديدي، مون لئي وڏو آهي توکي، پوءِ به توکي منهنجي ئي آئينديءَ جو خيال ٿو ستائي؟“ منهنجون اکيون هاڻ سيلاب ٿي پئيون.

”جيئن چئو تيئن ڪريان مان ديدي! مون کي لڳي ٿو منهنجو من توهان کان به وڌيڪ اڌير ٿي رهيو آهي. ڪين ڇڏڻ به هاڻ ڏاڍو مشڪل آهي ديدي؟“

نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو، ڇا سڏڪا ڀري هن ڏيءَ جهڙيءَ نينگر اکيان روئي وجهاڻ. سؤمان، پنهنجا پٽي ۽ پکيڙي ڳلي ۾ سڏڪن کي دٻائڻ چاهيو. پر ڪائي چيز اندر ئي انت زور لڳائي ان سومان جي پکيءَ کي ٻاهر ڌڪي آئي. ڦٿڪي پيس، رڙي پيس، ”ڪٿي وڃ ڀلي منهنجو ور ليلان، مگر انهن ابهمن کي ڪهڙو جواب ڏينديس جن جو هو پيءُ لڳي؟ تون هنن جي ماءُ بڻجي سگهنديئن؟“

شايد ڪائي استري پنهنجن ٻارن کان سواءِ ڪنهن جو پيءُ، پنهنجو پتي ڪرڻ نه چاهيندي آهي. مون سنڌس مکڻ ئي هڪ ڏڪار جو ڀاو ڏٺو. آهستي چيائين، ”ديدي جڏهن مون لاءِ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار آهين، تڏهن مان ڇا پٽي پوندس. ليڪن هتي دل تي هٿ رک، الاجي ڇا ڪجهه اندر ڏاڍو ٻري پيو.“

مون ڏٺو منهنجي پتيءَ هن ڪليءَ جي جسم کي آگ لڳائي ڇڏي آهي. من ئي من پنهنجي ماءُ کي

هڪ شاعر ڇا نه بيان ڪيو آهي:
ودهان ودهيء ته ڪاٿي،

بيهان ته پير پڇڙن

هن آنڌ مانڌ سنيءَ جي،

سڪ جي ڪئي پڄاڻي....

پوءِ اردگرد ڪيئن نازيون ڏسندي آهيان، جي اها پڪل ڏٺل جيوت پيئون گهاريندو، پوئون گهاريندو، ڪڏهن سڪ ۽ پورنتا پاڻ جو ساهس ڏي نه ڪندو آهن. انهن نه سمجهيو ته مان ڪا اهڙين امترڻ تي ڪلان ڏي. ڏاڍي ڏکي حالت آهي اها. بس جيئون ڪهاڻيءَ کي پورو ڏيل ڏي سمجهيو آهي، ان وقت. مگر تون ڏي ڇو ان طرح فقط هڪ ڪهاڻي ڪان وڏيڪ ڇا ڪجهه پورو ڏي سکهي ٿو. جيون ته هلندوئي سَڻ انهڪ پيون ڪهاڻيون ٺاهيندو هلندو.

تنهنجي نرملي،

تهنجي پري نرملي،

ظلم ٿي ڪرين، خط اهڙيءَ ڪڙيءَ تي اڌورو ڇڏيو تي ڏين، جو مان ته آن جي پڄاڙيءَ تي سوچي سوچي ٿڪجي ٿي پوان. ها، ته ليلان تون مڃائي وٺينءَ، مڃيائين نه مڃيائين. شادي ڪيائين اڃا بلا تو وٽ آهي. مون کي نه عجب ٿو لڳي ته پولي ۽ بمبئي وچ ۾ ايڏو مفاصلو ڪيئن ٿيو جو تنهنجي هيترن ڪششن جي

ڪيڻ. مون کي به غصو چڙهي ويو. هن به ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيو ۽ ڪائي ڪسر نه ڪئي. چيائين، "جيءَ ۽ تن لوڙهن ويئي، پر مڙسهن به آفس جي هڪڙيءَ ڪرستاڻ سان گڏ پيو گهمي ڦري، سو وڃي ئي نه هليو رڻ ۾ رولي."

هاءِ هاءِ! منهنجي ته هٿن سان ڪي ڪري پيو. ڪٿين پورا سس جي در وٽان لنگهندي ويچار آيو هو وٺس وڃان، پر سوچيندي هئس، جيڪي چئا تن جي کهڙي ذات! مگر دک ته اهو آهي ته سندس ماءُ کي به منهنجي حال تي ذرو به رحم نه آيو.

نرڙ جي پنهنجي پاسن ڪاڻ نبضون ڏان پيئون ڪن. سوچي سوچي دماغ ٿو چريو ٿئي. الاجي سٺو ڪيم يا خراب جو اهڙي ڦرندڙ گهرندڙ انسان جي پيڳ نه لڳس. وري به شڪر جيڪي ٻه چار ڪلاڪ ملا ۽ وڃان ٿي ٿن ۽ پنهنجي دک کي پاڇي ٿي وڃان. دعا ڪج سرنش کي اڻين پاليان جيئن ميريءَ، يسوع مسيح کي پاليو هو.

دکي رتنا.

سکي رتن،

هن خط ڪاڻ پوءِ شايد تون فيصلو ڪري سگهين. ته پنهنجي پتيءَ جي پيڳ نه لڳي سٺو ڪيم يا خراب.

اڳئين خط ۾ لکيو هئم ته ليلان منهنجي ڏهنائيءَ ۽ پيار جي ورتاءَ سبب بلڪل ڏي منهنجي ويجهو اچي

ويٺي، نِر منهنجو پتي اچا ٻه مون کان پري هو. مون سان ته هاڻي ڳالهائڻ بند ٿي چڪو هوس. رڳو سڀ منهنجي حال پڇڻ هئي. چيائين، ”ٻڌم ٿي ته هلي وڃ. ليلان لاءِ ڪا ماڻهو ملي ويندءِ.“ پيلا پڙهه، ليلان جي جلندڙ جسم تي پردو رکي مان ڪيڏانهن ٿي وڃي سگهيس. سو ليلان کي ۽ ليلان جي پاچائيءَ کي پاڻ سان کنيم. ڪيتري ماڻهن وارن ۽ برهمڻن جا در وڃي کڙڪايم. آخر هڪ ڇوڪرو ليلان کي پسند آيو ويو جنهن بابت توکان به پڇيو هوم. بس باقي ڪم ليلان جي پيءُ حوالي ورتو.

ٻڌي عجب لڳندءِ ته جنهن ڏينهن ليلان جي پاچائي شاديءَ جو ڪارڊ هٿ ۾ پڪڙائي ويٺي، ان ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو. مون ڪيس ڪارڊ ڏيکاريو ته هو چپ چاپ مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

رتنا، ان مهل اها چپ چاپ نهار ڏسينس ها! ڄڻ ڪنهن ٻار کان ڪوئي قيمتي راندڪو ڪسجي ويو هو. مون کي گهڙيءَ لاءِ انهن بيڪس مظلوم نگاهن لاءِ ممتا پرجي آئي. پوءِ به من اندر پيدا ٿيل ڌڪار جي ديوار ڪري ڪين، رڳو لڏي ويئي....

چڱو رتن، گهر جا جهنجهٽ پيا سڏينم. هينئر وقت ڪونهي وڌيڪ پئي خط ۾.

تنهنجي نرملا.

نرملا راڻي،

مون ڪي تو لاءِ سخت شڪايت آهي. ڪٿي ٿي اچي پنهنجي جيون ساٿي کي ڇڏين. مان تہ خط پڙهندي الاهي سوالن پڇڻ لاءِ اچي ماندي ٿيان. پڌاءِ، ڪيئن اها ٺڪار جي ديوار ڪيرايئہ؟ منهنجو من تہ جنسي ٿر ٿي ويو آهي. سوچيان ٿي مان پنهنجي ٻچڙيءَ کي اڪر ڪيئن ڪان روڪيان بہ ها تہ ڇا ڪيس پيار ڪري سگهان ها؟ ۽ جنهن پرش لاءِ من ۾ پيار ناهي آن جي ٻچڙن پوڻ ڇا وشواسگهو ناهي؟

ان هوندي بہ تنهنجين ڳالهين خبر ناهي ڪيڏو طوفان مچائي ڇڏيو آهي منهنجي من اندر. جيوت جو جيڪو ٻاب مون بند ٿيل سمجهيو هو، ان ۾ اهڙي ڪا ڇڪ اچي پيئي آهي، جو اندر ئي اندر پيئوت پيا پرن. سندس گذريل پيار جون ڳالهيون، سندس خط پڙهي من ڦٿڪي ٿو پوي. پر سرش جي شڪل ڏسي من ٺڪار سان ڀرجي ٿو وڃي. ڪنهن ڏنو ڪيس هن معصوم جي مک تان آلو سرڪ ڪسڻ جو حق؟ ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهي هن ٿورن مهينن اندر منهنجو سرش! ڇو ڪسيائين هن کان ٻالپڻ؟ تنهن ڏينهن ڪنهن ٻار سان گولين تان جهڳڙو ڪري آيو. ان جي پيءُ ڏاڍو جهڙڪيس. رات جو ننڊ مان آٿاري ٿو پڇي، ”ممي، دادا هاڻي آڇل (اصل) نہ ايندو؟“

ڦرجي ڦٿجي وئس، هن ڪومل هردي اندر ان جهنگاڻيءَ جي ياد کي ڏسي. هاءِ رام! ڪيئان آئيان

اها آرسي جنهن ۾ چنڊ جو عڪس ڏيکاري پرڀاتي سگهان هن رامل کي!
وڏيڪ لکي لتي سگهان من ٿو ڦاٽي....
رتنا.

رتن راڻي،
گهنگهور گهٽائون اُٿ وٺ آيون، پر بارش هتي پئي پوي.
ٺيڪ ٿي چوين، جنهن انسان لاءِ پيار ناهي آن سان گڏ گهارڻ وڌيڪ ڏکيو آهي. پر ڇا تون ڪڏهن سان ڇڏي سگهندين؟ ته تنهنجي دل ۾ هن لاءِ ذرو به پيار ڪونهي؟ جي ائين هجي ها ته هينئر به تنهنجي دل ۾ پڇتاءُ ڇو پيو ها؟ هن کان جدا رهندي ٿو وٺ پريشاني ڇو هجي ها؟ سچي، پاڻي ڪيترو به ڪناري کان دور هجي مگر آن جي هيٺان جا زمين آهي سا به ڪناري جوئي ته هڪ حصو آهي!
اسين جن کي پائيون، ٿا تن منجهان اهائي هلت چاهيون ٿا، جا اسان کي وڻي، مگر انهن کي ڇا گهرجي، اسان جي ڪهڙي سات جي کين ضرورت آهي، اهو سڀ الاجي ڪيئن پلجو ٿا وڃون.
باپ ڙي! آهي ته وقت هي. پاڻي ٿورو کلي وٺ. تنهنجو چاهه ته آهي منهنجي آکاڙيءَ ۾. هاڻو آن جي پچاڙي به پڌي وٺ.

ليلان جي شاديءَ کانپوءِ هو ڏاڍو ڪوهيل ۽ هر چيز مان بيزار نظر ٿي آيو. پر ايترو به نه ٿي ڏسڪيون ڪاٿي کانپوءِ وٽس وڃڻ ٿي ڇڏي ڏنو. ڪيس اڪيلو ونڱاڻو ڏسي منهنجو من ته جهڙو ٿي ويو. پر سندس بلڪل ويجهو وڃڻ جي همت مون ۾ ڪانه هئي. هڪ ڏينهن اوچتو ڏسان امي ڪيس چانيءَ تي ٽاڪور ونئي ڪري. چانيءَ ۾ سور ٿي پيو هوس. مان به ٽڏي ٿي وئس. جنهنڪي پاڻ لاءِ راهه جو ڪنڊو دور ڪيم، اهو ڪوهجي ته نه ويندو!...

امي، ڪٿر ڪوما ڪرڻ لاءِ رنڌڻي ۾ وئي هئي. هو بستري تي آئي ويٺو هو، جو من ۾ آچل اڃي وئي... آئي وڃي سندس پير ۾ ويٺس. آهستي چيم، "توهانجي دک جو ڪارڻ مان ئي آهيان، جيڪر مان ئي هاي ويان نه توهين ته ايترو ڏکي نه ٿيو."

ڪلنديءَ سگهي. چونديءَ اٿين ڪيئن ٿي چئي سگهين؟، جڏهن تنهنجي اندر ۾ هن پاپي پيوري لاءِ ٽڪار پيدا هو؟ پر چيم جو ٽڪار جي پاپيءَ هيڏان سنهو جو ڪنارو لڪل هو، تنهن کان پاڻي ڪڍهن جدا نه ٿيو ٿي ڪري هو.

هن منهنجو مکڙو پنهي هٿن ۾ جهلي چيو، "ايترو وقت ويس وڳ، ڪهڙن ڪهڙن ۽ بارن جي ڳالهين ۾ مشغول رهي مونکان دور رهي ڪهڙو سک ڏٺو هوندو مونکي؟ اڪيلو اداس رهندي ڳالهجي ويو هوس ته هڪ

رت ماس جي پتلي ڏاڍو- ڇا وري به تون اهڙو ٿي ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهين؟""

منهنجي بدن ۾ سيالو ٻنجي ويو. سال ساڻ هڪ وڏو وڏو سچ منهنجي اکيان کلي پيو. پيار دائمي ساٿ چاهيندو. ڪهڙي پاڳل هئس. مون ٿي ڪيئن اهڙو ڪيو هو؟ سوال پڇڻ لاءِ جو اکيون مٿي ڪيم ته هن ڪاڻي مٿي ڏني. ان ڪن ۾ ٿي هڪٻئي لاءِ ڪدورت ٿوپي وئي. ان ڏينهن کان آڇي اجري دل کڻي جو هڪٻئي ڏانهن وڌي ويا آهيون ته وري ڪاٻه ڪوئرو اسانجي وچ ۾ نه آئي آهي. اڳي ڪڏهن ٻڌو هوم ته ٽٽو شيشو ڪڏهن نه ڳنڍجي، سو چوندي هئس ته دل ڳنڍجي پلي ويندي ته به ڪو چير ته رهندو ٿي. ليڪن ائين ناهي سڪي. دل شيشو ناهي، ماس جو ٽڪر آهي. جڏهن آنکي پوري طرح ڳنڍڻ چاهيو آهي، تڏهن ڪوئي سندو سيڙو منجهس نظر نه ايندو آهي. تون شايد ان سان شامل راءِ نه ٿيڻ پر انهيءَ سچ. ڪڏهن اسان وٽ اچي ڏسي وڃ. ايندينءَ نه؟

تنهنجي نرملا

پياري سکي،

تنهنجي هيڏي وڏي خط مان فقط ٽي اکر ٿي پيا هر هر من ۾ هڻن- "دل شيشو ناهي". پٽيون ڇٽيون طاقن ڪيٽن مان هر هر ڪوئي ليڪو پاڻي ڇڻي رهيو آهي، "دل شيشو ناهي."

هائو برابر دل شيشو ناهي. اها ته پڃي به ڪين

